29 January 2026

# بخشش کان محروم ماڻهو

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو سنتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

29 جنوري 2026ع (بمطابق: 9 شعبان شريف 1447ھ)

تي پاڪستان ۾ دعوتِ اسلامي جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# بخشش کان محروم ماڻھو

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ...

- ❖ پياري آقا جو بيمثال سجدو
- ❖ مغفرت حاصل ڪرڻ جو نسخو
- ❖ خدا کي راضي ڪرڻ سڀ کان ويجهو ذريعو
- ❖ شب براءَت جا ڪجهه نوافل

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة

Islamic Research Center

(شعبہ: بياناتِ دعوتِ اسلامي)

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ ؕ وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی خَاتَمِ النَّبِيّٖن ؕ

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا رَسُوۡلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا حَبِيۡبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا نُوۡرَ الله

نَوَيۡتُ سُنَّتَ الۡاِعۡتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتکاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

**الله پاڪ جي آخري نبي، مُحَمَّد عربي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان عاليشان آهي:**

صَلَاتُكُمۡ عَلَيَّ مُحۡرِزَةٌ لِّدُعَائِكُمۡ وَمَرۡضَاةٌ لِّرَبِّكُمۡ وَزَكَاةٌ لِّاَعۡمَالِكُمۡ

**ترجمو:** توهان جو منهنجي مٿان درود پاڪ پڙهڻ توهان جي دعائن جي حفاظت ڪرڻ وارو ۽ توهان جي رب جي رِضا ۽ توهان جي عملن جي لاءِ پاڪيزگيءَ جو سبب آهي.(1)

| | |
|---|---|
| تا قيامت اُس بہارِ باغِ جنّت پر سلام | شانِ عزت، کانِ رحمت، جانِ عِفت پر سلام |
| دل سے اُس جانِ جاں پر چاہیے پڑھنا درود | پہنچے اُمّت سے شفیعِ جرمِ اُمّت پر سلام |
| بیدلؔ مسکین کا یاربّ! بھیجتا رہ تُو مُدام | تاقیامت شافعِ روزِ قیامت پر سلام (2) |

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

**حديثِ پاڪ** ۾ آهي: اِنَّمَا الۡاَعۡمَالُ بِالنِّيَّات (عملن جو دارومدار نيتن تي آهي.(3)

1... القول البديع، صفحہ:133۔

2... نورِ ایمان، صفحہ:44ملتقطاً۔

3... بخاری، کِتَاب بَدءُ الْوَحی، صفحہ:65، حدیث:1۔

اي عاشقانِ رسول! سنين سنين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي. اچو! بيانَ ٻڌڻ کان پهريان ڪجهه سٺيون سٺيون نيتون ڪري وٺون، نيت ڪريو! ۞ الله پاڪ جي رضا جي لاءِ بيان ٻڌندس ۞ بَاادب ويهندس ۞ خوب تَوَجُّه سان بيان ٻڌندس ۞ جيڪو ٻڌندس، ان کي ياد رکڻ، پاڻ عمل ڪرڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## پياري آقا جو بي مثال سجدو

مسلمانن جي پياري اَمّي جان حضرت عائشہ صِدّيقہ طيبہ طاهِره رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہَا فرمائن ٿيون، هڪ دفعو رات جو وقت هو، جڏهن اِڏ رات ٿي تہ پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ڪيڏانهن تشريف وٺي ويا، مون کي فڪر ٿيڻ لڳو، تنهنڪري مان اُٿي اَزْواجِ مطهرات جي حُجرن ۾ ڏٺو، پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ڪٿي بہ نظر نہ آيا، جڏهن واپس پنهنجي حجري ۾ آيس تہ ڏٺم تہ جيئن ڪو ڪپڙو زمين تي پيل هوندو آهي، پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ائين ئي (دنيا و ما فيها کان بي خبر ٿي) الله پاڪ جي حُضُور ڪنڌ جهڪائي سجدو ڪري رهيا آهن، پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سِرُ سجدي ۾ رکي چئي رهيا هئا:

سَجَدَ لَكَ خَيَالِي وَسَوَادِيْ، وَآمَنَ بِكَ فُؤَادِيْ، فَهٰذِهٖ يَدِيْ وَمَا جَنَيْتُ بِهَا عَلٰى نَفْسِيْ يَا عَظِيمُ يُرْجٰى لِكُلِّ عَظِيمٍ، يَا عَظِيمُ اغْفِرِ الذَّنْبَ الْعَظِيمَ، سَجَدَ وَجْهِيَ لِلَّذِي خَلَقَهٗ وَشَقَّ سَمْعَهٗ وَبَصَرَهٗ

**ترجمو:** اي الله پاڪ! تنهنجي اڳيان منهنجي خيال ۽ منهنجي جسم سجدو ڪيو آهي، توتي منهنجي دل ايمان آندو آهي، هِي هٿ آهن، جن سان پاڻ تي زيادتي ڪئي وئي آهي، اي عظمت وارا رَبَّ! جنهن مان هر عظيم ڳالهہ جي اميد ڪئي ويندي آهي، اي عظمت وارا رَبَ! وڏا گُناهہ معاف ڪري ڇڏ، منهنجا مولٰيٰ! منهنجو چهرو جنهن کي تو پيدا ڪيو آهي، جنهن تي ڪَنَ ۽ اکيون ناهيون آهن، اهو چهرو تنهنجي بارگاهہ ۾ سجدو ڪري رهيو آهي.

پوءِ پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سجدي مان ڪنڌ مٿي ڪنيو، پوءِ ٻيو سجدو ڪيائون، هن ٻيري هيٺئن دعا فرمايائون:

أَعُوذُ بِرِضَاكَ مِنْ سَخَطِكَ، وَأَعُوذُ بِعَفُوِكَ مِنْ عِقَابِكَ، وَأَعُوذُ بِكَ مِنْكَ لَا أُحْصِي ثَنَاءً عَلَيْكَ أَنْتَ كَمَا أَثْنَيْتَ عَلَى نَفْسِكَ، أَقُولُ كَمَا قَالَ أَخِي دَاوُدُ، أَعْفُرُ وَجْهِي فِي التُّرَابِ لِسَيِّدِي، وَحَقٌّ لَهُ أَنْ يُسْجَدَ

**ترجمو:** اي الله پاڪ! مان تنهنجي غضب کان تنهنجي رضا جي پناهه جو طلبگار آهيان، تنهنجي عذاب کان تنهنجي بخشش جي پناهه جو طلبگار آهيان، تنهنجي غضب کان تنهنجي ئي پناهه گهران ٿو، مان تنهنجي اهڙي تعريف نه ٿو ڪري سگهان، جهڙي تو پنهنجي حمد پاڻ فرمائي آهي، مان اُهو ئي چوان ٿو جيڪو منهنجي ڀاءُ داؤد عَلَيْهِ السَّلَام چيو هو: مان پنهنجي مالڪ ۽ موليٰ جي لاءِ پنهنجو چهرو مٽي تي رکي ڇڏيو آهي ۽ هُو حقدار آهي ته سندس بارگاهه ۾ سجدو ڪيو وڃي.

ان کان پوءِ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم سجدي مان مٿو مٿي ڪنيو ۽ هن طرح دعا فرمائي:

اَللّٰهُمَّ ارْزُقْنِيْ قَلْبًا تَقِيًّا مِنَ الشَّرِّ نَقِيًّا لَا جَافِيًا وَلَا شَقِيًّا

**ترجمو:** اي الله پاڪ! مون کي پرهيزگار ۽ براين کان پاڪ دل عطا فرماءِ، اهڙي دل جيڪا نه سخت هجي ۽ نه بدبخت هجي.

سيده عائشه صِدّيقه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا فرمائن ٿيون: عبادت ۽ دعا کان فارغ ٿيڻ کان پوءِ پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم مون وٽِ تشريف ڪٺي آيا ۽ فرمايائون: هيءَ نِصف شعبان جي رات (يعني شبِ براءَت) آهي، اڄ جي رات الله پاڪ دنيا جي آسمان تي تجلي فرمائيندو آهي ۽ مُشرِڪ ۽ ڪينو (يعني دل ۾ دشمني) رکڻ واري کان علاوه سيني ٻانهن کي بخشي ڇڏيندو آهي. (1)

کِشْتِ اُمّید پہ ہے فَضْلِ خُدا آج کی رات | ہر طرف چھائی ہے رحمت کی گھٹا آج کی رات
کس قدر جوش پہ ہے حق کی عطا آج کی رات | پائیں گے سارے طلب سے بھی سِوا آج کی رات

## محبوب جي سجدي تي لکين سلام

پيارا اسلامي ڀائرو! ايمان افروز روايت جيڪا اسان ٻڌي، ان ۾ سڪڻ

[1]... شعب الايمان، كتاب الصيام، فصل ماجاء فى ليلة نصف من شعبان، جلد:3، صفحہ:385، حديث:3838۔

جي لاءِ تمام گهڻو ڪجهه آهي پر مان جنهن طرف توجهه ڏيارڻ چاهيان ٿو، اهو محبوبِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جو مبارڪ ۽ پيارو پيارو سجدو آهي، توهان غور فرمايو! اهو ڪهڙو نہ باڪمال سجدو آهي، اُن سجدي جي جيڪا ڪيفيت سيده عائشہ صِديقہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْھَا بيان ڪئي آهي فرمايائون:

كَالثَّوْبِ السَّاقِطِ جيئن زمين تي پيل ڪپڙو هجي.

يعني محبوبِ ڪبريا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم پنهنجي پروردگار جي بارگاهہ ۾ بندگيءَ جو اظهار فرمائي رهيا آهن، پاڻ ڪمال وارفتگي ۽ محويت جي عالم ۾ هئا، حالت مبارڪ اهڙي هئي جو دنيا ۽ جيڪو ڪجهه اُن ۾ آهي اُن کان بلڪل بي نياز، پنهنجي رَب جي حُضُور انتهائي عاجزي سان حاضر هئا، جتي نہ ڪا بناوٽ هئي ۽ نہ ئي ڪو تڪلف وارو اهتمام هو، بس مڪمل سپردگي هئي، پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جو صرف جسم پاڪ ئي سجدي ۾ نہ هو پر سندن سِرُ، ذهن، دل، خيال، سوچ سڀ ڪجهه اللّٰه پاڪ جي حُضُور ۾ سجدو ڪري رهيا هئا.

سُبْحٰنَ اللّٰه! اِهو ڪهڙو عظيم سجدو هو...!! اسان الحمدلله! مسلمان آهيون، اللّٰه پاڪ جي حُضُور سجدو ڪندا آهيون پر اسان جي سجدن ۾ بہ بناوٽ هوندي آهي، ماڻهو سجدو ڪرڻ وقت ڪپڙن جو خيال ڪندا آهن تہ ڪپڙن ۾ گهُنجَ نہ پئجي وڃن، مٿو جنهن جاءِ تي رکڻو آهي، اها جاءِ بلڪل صاف هجي تہ جيئن پيشانيءَ تي مٽِي وغيره نہ لڳي ۽ سجدو ڪيترو ڪندا آهن؟ بس جلدي جلدي ٽي دفعا سُبْحٰنَ رَبِّيَ الْاَعْلٰى پڙهندا آهن ۽ مٿو مٿي ڪڍندا آهن.

ڪاش! محبوبِ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جي صدقي اسان کي سجدن جي لذت نصيب ٿي وڃي.

| | |
|---|---|
| سجدے میں سکوں، سجدے میں مزہ | سجدے میں چھپا اندازِ وفا |
| محروم رضائے مولیٰ سے | سجدے سے جو سَر محروم رہا |
| سجدوں سے محبّت ملتی ہے | سجدوں سے سعادت ملتی ہے |
| سجدوں پہ سجدے کرتا جا | سجدوں میں چھپی ہر غم کی دوا |

# سجدن جي ڪثرت درجات جي بلندي جو سبب آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ جي بارگاهه ۾ سجدو ڪرڻ تمام وڏي فضيلت وارو ڪم آهي. اسان کي ڏکيا سجدا ڪرڻ جي عادت اختيار ڪرڻ گهرجي! تابعي بزرگ حضرت مَعْدَان بن ابوطلحه رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جو بيان آهي ته مان صحابيءِ رسول حضرت ثوبان رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہ سان مليُس، مون عرض ڪيو: مون کي اهڙو عمل ٻڌايو جيڪو مان ڪريان ته اُنَ جي برڪت سان الله پاڪ مون کي جنت ۾ داخل ڪري ڇڏي. حضرت ثوبان رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہ فرمايو: مون رسول الله صَلَّى اللّٰہُ عَلَيۡہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم کان ان جي باري ۾ سوال ڪيو هو، پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰہُ عَلَيۡہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: ڪثرت سان سجدا ڪندا ڪريو ڇو ته جڏهن به توهان الله پاڪ جي لاءِ سجدو ڪندؤ، الله پاڪ توهان جو هڪ درجو بلند فرمائيندو ۽ ان جي بدلي ۾ توهان جي هڪ خطاء (*Mistake*)معاف فرمائيندو. [1]

# سجدن ۾ دعائون گهُرو

وڏيڪ هي به ڏسو ته پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰہُ عَلَيۡہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم پنهنجو مٿو مبارڪ سجدي ۾ رکي دعائون گهريون، ان مان اسان کي سبق مليو ته سجدي جي حالت ۾ دعا ڪرڻ گهرجي.

هتي اِهو ذهن نشين هجڻ گهرجي ته فرض نمازن جي سجدي ۾ دعا نه ٿا گهري سگهون، ان کان علاوه سجدهءِ شڪر ڪري رهيا آهيو يا نفلي نمازون پڙهي رهيا آهيو ته ان وقت سجدن ۾ دعائون ڪرڻ گهرجن. [2] حديث پاڪ ۾ آهي: ٻانهو **سجدي** جي حالت ۾ پنهنجي رَب ڪريم جي تمام گهڻو ويجهو هوندو آهي، ان ڪري توهان **سجدي** ۾ ڪثرت سان دعائون گهرندا ڪيو. [3]

# مغفرت حاصل ڪرڻ جو نسخو

حضرت سيدنا ابوسعيد خدري رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہ فرمائن ٿا: جيڪو شخص سجدي جي

---

1... مسلم، كتاب الصلاة، باب فضل السجود والحث عليه، صفحه:184، حديث:488۔

2... الدر المختار، كتاب الصلاة، باب صفة الصلاة، صفحه:69-70 بتغير قليل۔

3... مسلم، كتاب الصلاة، باب ما يقال فى الركوع والسجود، صفحه:183، حديث:482۔

حالت ۾ تي پيرا هينئن چوي: يَارَبِّ اغْفِرْلِی، يَارَبِّ اغْفِرْلِی، يَارَبِّ اغْفِرْلِی (اي الله پاڪ! منهنجي بخشش فرماءِ، ياالله پاڪ! مون کي بخشي ڇڏ، اي رَبِّ ڪريم! منهنجي مغفرت فرماءِ) جڏهن هو پنهنجو مٿو سجدي مان ڪڍندو تہ سندس مغفرت يعني بخشش ٿي چڪي هوندي. (1)

| | |
|---|---|
| لوگوں سے توجہ ہٹ جائے | دُنیا سے رشتہ کٹ جائے |
| ماتھے کو زمیں پر رکھنا ہے | مصروف زباں ہو حمد و ثنا |
| سجدے میں شکرِ مولیٰ ہے | سجدے میں ذِکرِ مولیٰ ہے |
| توبہ کر کے مانگو اِک دِن | رَدّ ہوتی نہیں سجدے کی دُعا |

الله پاڪ اسان کي سجدن جي لذت نصيب فرمائي، سجدن ۾ دعائون گهرڻ جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم.

## مغفرت گنهگارن کي ڳوليندي رهندي آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُلِلّٰه! شبِ براءَت (يعني نجات واري رات) اچڻ واري آهي، الله پاڪ اسان کي صحت ۽ عافيت سان هن مبارڪ رات تائين پهچڻ نصيب فرمائي. اِها تمام گهڻين برڪتن، عزتُن ۽ رفعتن واري رات آهي. اسان جي پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْہِ وَ اٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: جڏهن شعبان جي وچ واري (يعني 15 هين) رات اچي تہ ان رات ۾ قيام (يعني عبادت) ڪيو، ڏينهن جو روزو رکو، بيشڪ ان رات سج لهڻ سان ئي الله پاڪ پنهنجي شان جي لائق دنيا جي آسمان تي تجلي فرمائيندو آهي ۽ ارشاد فرمائيندو آهي: ۞ اَلَامِنْ مُّسْتَغْفِرٍلِیْ فَاَغْفِرَلَهٗ آهي ڪو مون کان مغفرت گهرڻ وارو تہ مان ان کي معاف ڪري ڇڏيان ۞ اَلَامُسْتَرْزِقٌ فَاَرْزُقَهٗ آهي ڪو مون کان رزق گهرڻ وارو تہ مان ڪيس رزق عطا ڪريان ۞ اَلَامُبْتَلًی فَاُعَافِيَهٗ آهي ڪوئي پريشان حال تہ مان

---

[1] ... مصنف ابن ابی شیبہ، کتاب الدعاء، ما رخص للرجل یدعو بہ...الخ، جلد:7، صفحہ:33، حدیث:3۔

سندس پريشاني دور فرمايان، آھي ڪو اھڙو، آھي ڪو اھڙو. طلوعِ فجر تائين اِھو اعلان ٿيندو رھندو آھي.[1]

سُبْحٰنَ الله! توھان اندازو لڳايو! ان ڪان وڌيڪ رحمت ۽ مھرباني ٻي ڪھڙي ٿي سگھي ٿي؟ اسان جھڙن بدڪردارن، گنھگارن، ننھن ڪان چوٽِيءَ تائين گُناھن ۾ گھيريل ٻانھن کي رحمتِ اِلٰھي پڪاري رھي آھي تہ **اچو...!! بخشش ورھائجي رھي آھي، اچو! مغفرت تقسيم ٿي رھي آھي. جنھن جنھن کي بخشش گھرجي، رب جي دروازي تي حاضر ٿي وڃي ۽ بخشش جي خيرات وٺي وڃي.**

مغفرت ڈھونڈتی پھرتی ہے گنہ گاروں کو | مہرباں کتنا ہے بندوں پہ خُدا آج کی رات
کوئی محروم نہ رہ جائے زمیں پر سائل | آسمانوں سے یہ آتی ہے صدا آج کی رات

# بخشش ڪان محروم ماڻھو

پيارا اسلامي ڀائرو! اندازو لڳايو تہ! شبِ براءَت ۾ ڪيڏي نہ ڪثرت سان ماڻھن کي بخشيو ويندو آھي، پر افسوس! اُن بدنصيب جي بدنصيبيءَ جو اندازو ڪير ڪري سگھي ٿو جيڪو ھِن مبارڪ رات ۾ بہ بخشش ڪان محروم رھجي وڃي.

پر افسوس! ڪيڏو نہ بدنصيب آھي اُھو شخص جيڪو اھڙي رات بہ پنھنجي بخشس نہ ڪرائي سگھي. احاديثِ ڪريمہ جي مطابق **7** قسمن جا ماڻھو آھن جيڪي شبِ براءَت ۾ بہ بخشش ڪان محروم رھندا آھن:

**(1):** مُشرڪ[2] **(2):** شراب جو عادي **(3):** ماءُ پيءُ جو نافرمان **(4):** زاني **(5):** رشتا ٽوڙڻ وارو **(6):** تصويرون ٺاھڻ وارو **(7):** ۽ چُغل خور.[3]

ڪجھ روايتن موجب ۞ ڪاھِن (يعني نجومي) ۞ جادوگر ۞ تڪبر وِچان پاجامو يا شلوار پيڏين ڪان ھيٺ لٽڪائڻ وارو ۞ مسلمانن سان بغير

---

1... ابن ماجہ، کتاب اقامۃ الصلاۃ و السنۃ فیہا، باب ماجاء فی لیلۃ ...الخ، صفحہ:225، حدیث:1388۔
2... شعب الایمان، کتاب الصیام، فصل ماجاء فی لیلۃ نصف من شعبان، جلد:3، صفحہ:385، حدیث:3838۔
3... فضائلُ الْاَوقات للبیہقی، صفحہ:130 حدیث:27۔

شرعي اجازت جي بغض ۽ ڪِينو رکڻ (يعني دل ۾ دشمني لڪائڻ) وارا بہ هن رات مغفرت جي سعادت کان محروم رهندا آهن.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! هِي ڪُل ملائي 11 قسمن جا ماڻھو آهن جيڪي شبِ براءَت ۾ بہ بخشش کان محروم رهندا آهن. ٿورو سوچيو تہ سهي! جيڪڏهن شبِ براءَت ۾ بہ انهن جي بخشش نہ ٿي، ٿي سگهي تہ پوءِ ڪڏهن ٿي سگهندي ...؟ تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ اسان پنهنجو جائزو وٺون، پنهنجي اندر ۾ جهاتي پائي ڏسون، جيڪڏهن ان 11 براين مان ڪا هڪ بہ برائي اسان جي اندر موجود آهي تہ شبِ براءَت اچڻ کان پهريان ئي توبهہ ڪري وٺون ۽ انهن براين کان پاڪ ٿي وڃون تہ جيئن بخشش جا حقدار بڻجي سگهون.

## (1): شِرڪَ کان بچو...!

پهرين برائي جيڪا بخشش کان محروم رکڻ واري آهي، اُها آهي: **شِرڪ**. هيءَ ڳالھ هميشہ جي لاءِ پنهنجي دل ۽ دماغ ۾ ويهاري ڇڏيو تہ! چا بہ ٿئي، ڪافر ۽ مشرڪ جي لاءِ قيامت جي ڏينهن بخشش نہ آهي، نہ آهي، بس اِهو طئي ٿيل آهي. اللّٰہ پاڪ قرآن ڪريم ۾ فرمايو آهي:

| | |
|---|---|
| اِنَّ اللّٰهَ لَا یَغْفِرُ اَنْ یُّشْرَكَ بِهٖ وَ یَغْفِرُ مَا دُوْنَ ذٰلِكَ لِمَنْ یَّشَآءُ ۚ (پارو: 5، النسآء: 48) | ترجموڪنزالعرفان: بيشڪ اللّٰہ ان ڳالھ کي ناهي بخشيندو جو ساڻس شِرڪ ڪيو وڃي ۽ ان کان هيٺ جيڪو ڪجھ آهي جنهن کي چاهيندو آهي معاف فرمائي ڇڏيندو آهي. |

معلوم ٿيو تہ مشرڪ جي لاءِ هرگز هرگز بخشش نہ آهي.

## اُمّتِ مصطفيٰ شِرڪَ کان محفوظ

هاڻي هڪ اميد ڀَري ڳالھ عرض ڪريان تہ اَلْحَمْدُلِلّٰه! هيءَ اُمتَ اُمتِ توحيد آهي، جيئن اڳين امتن ۾ ٿيو تہ انبياءِ ڪرام عليهِمُ السَّلَام جي دنيا کان پردو

[1]... آقا کا مہینا، صفحہ:11۔

فرمائڻ کان بعد اُھي ماڻھو شِرڪَ ۾ مبتلا ٿي ويا. اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ھيءَ اُمت ڪڏھن بہ شرڪ ۾ مبتلا نہ ٿيندي، ڪو ھڪ يا بہ شخص شامتِ اعمال سبب ايمان کان ڦِري مشرڪ ٿي وڃي تہ الڳ ڳالھ آھي، باقي سموري اُمّت يا اُمّت جي اڪثريت شرڪ ڪرڻ لڳي، ائين ڪڏھن بہ نہ ٿيندو.

بُخاري ۽ مسلم جيڪي حديث پاڪ جا سڀ کان معتبر ڪتاب آھن، ان ۾ ھيءَ روايت موجود آھي، محبوبِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم قسم کڻي فرمايو: وَإِنِّيْ وَاللهِ مَا أَخَافُ عَلَيْكُمْ أَنْ تُشْرِكُوْا بَعْدِيْ خدا جو قسم بيشڪ مون کي توھان جي باري ۾ اِھو خوف نہ آھي تہ توھان مون کان پوءِ شرڪَ ۾ مبتلا ٿي ويندؤ. (1)

الحمدلله! ھي رسولِ خدا، احمدِ مجتبيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جو فيضانِ توحيد آھي جيڪو سندن اُمت کي قيامت تائين نصيب رھندو، جنھن جي برڪت سان ھيءَ اُمت ڪڏھن بہ شرڪَ ۾ مبتلا نہ ٿيندي.

## شِرڪِ خَفِي کان بچو...!

ھا! شِرڪَ جو ھڪ قسم آھي، جنھن ۾ ھيءَ اُمت مبتلا ٿي سگھي ٿي. ھيءَ ڳالھ ياد رکڻ گھرجي تہ شِرڪَ جا بہ قسم آھن:

**(1):** ھڪ آھي **شِرڪِ جَلِي** (يعني الله پاڪ کان سواءِ ڪنھن کي عبادت جي لائق سمجھڻ)، ان شرڪ سان ماڻھو اسلام مان نڪري ويندو آھي.

**(2):** ٻيو آھي: **شرڪِ خَفِي** (ان کي رِياڪاري چوندا آھن). ان سان ماڻھو اسلام مان نہ نڪرندو آھي، پر! اِھو ڪبيره گناھ، حرام ۽ جھنّم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آھي.

صحابيءِ رسول حضرت شَداد بن اَوس رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: ھڪ ڏينھن مان اُمت جي غمخوار، مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي چھرهءِ پُرنور تي پريشاني

---

[1]... مسلم، ڪتاب الفضائل، باب اثبات حوض...الخ، صفحہ:903، حديث:2296۔

جا آثار ڏنا تہ عرض ڪيو: يارسولَ الله صَلَّی اللہُ عَلَيۡہِ وَ آلِہٖ وَ سَلَّم! منهنجا ماءُ پيءُ اوهان تان قربان!! هِي پريشاني جا آثار ڇو آهن؟ اُمت سان محبت فرمائڻ واري آقا، فڪرِ اُمَّت ۾ غمگين رهڻ واري آقا صَلَّی اللہُ عَلَيۡہِ وَ آلِہٖ وَ سَلَّم فرمايو: هڪ معاملو آهي جنهن جو مون کي پنهنجي اُمّت جي باري ۾ خوف آهي. حضرت شَدَّاد رَضِیَ اللہُ عَنۡہ فرمائن ٿا: مون پڇيو: يارسولَ الله صَلَّی اللہُ عَلَيۡہِ وَ آلِہٖ وَ سَلَّم! اهو ڪهڙو معاملو آهي؟ فرمايائون: شِرڪُ ۽ لڪيل خواهِش. مون عرض ڪيو: يارسولَ الله صَلَّی اللہُ عَلَيۡہِ وَ آلِہٖ وَ سَلَّم! ڇا اوهان جي اُمّت شرڪ ۾ مبتلا ٿي ويندي؟ ان تي فرمايائون: اي شَدَّاد! منهنجي اُمَّت سج، چنڊ ۽ پٿرن جي پوڄا نہ ڪندي پر منهنجي اُمت پنهنجن عملن ۾ ڏيکاءُ ڪرڻ لڳندي. مون عرض ڪيو: يا رسول الله صَلَّی اللہُ عَلَيۡہِ وَ آلِہٖ وَ سَلَّم! ڇا رياڪاري شِرڪ آهي؟ فرمايائون: ها (رياڪاري شرڪ آهي). مون عرض ڪيو: يا رسولَ الله صَلَّی اللہُ عَلَيۡہِ وَ آلِہٖ وَ سَلَّم! لڪيل خواهِش مان ڇا مراد آهي؟ فرمايائون: اِها هيءَ آهي تہ منهنجو ڪو امتي روزو رکي پر ڪنهن دنياوي خواهِش جي سبب روزو ٽوڙي ڇڏي. (1)

هڪ حديث پاڪ ۾ آهي: سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّی اللہُ عَلَيۡہِ وَ آلِہٖ وَ سَلَّم فرمايو: مون کي توهان جي باري ۾ سڀ کان وڌيڪ **شِرڪِ اَصغَر** جو خوف آهي. پڇيو ويو: يارسولَ الله صَلَّی اللہُ عَلَيۡہِ وَ آلِہٖ وَ سَلَّم! **شِرڪِ اَصغر** ڇا آهي؟ فرمايائون: **رياڪاري**. پوءِ فرمايائون: قيامت جي ڏينهن جڏهن ماڻهن کي سندن عملن جو بدلو ڏنو ويندو تہ رياڪارَن کي چيو ويندو: انهن وَٽِ وڃو جن کي دنيا ۾ پنهنجا اعمال ڏيکاريندا هُيؤ. (2)

## رِياڪار ڪنهن کي چئبو آهي...؟

پيارا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ هن اُمت ۾ پيدا ٿيڻ وارو مرض شِرڪِ جَلي نہ پر شِرڪِ خَفي (يعني رياڪاري) آهي. توڙي جو شبِ براءَت ۾ جيڪو شخص بخشش کان محروم رهندو آهي، اُهو اُهوئي آهي جيڪو شرڪِ جَلي ۾

1... مستدرڪ، ڪتاب:الرقاق، جلد:5، صفحہ:470، حديث:8010۔
2... مسند احمد، جلد:9، صفحہ:591، حديث:24273۔

مبتلا ھوندو آھي، تنھن ھوندي بہ اسان کي شرکِ خَفي (يعني رياڪارِي) کان بہ بچڻ گھرجي. رياڪاري ڇا آھي؟ غور سان سمجھي وٺو! ھر اُھو ڪم(جيڪو شريعت موجب درست ھجي ٿو) الله پاڪ جي رضا جي لاءِ ڪيو وڃي تہ ان کي عبادت چئبو آھي. پر جيڪڏھن ڪو شخص اُھوئي نيڪ ڪم الله پاڪ جي رضا کان سواءِ ڪنھن ٻئي ارادي سان ڪري تہ اِھا رياڪاري آھي.[1] مثال طور نماز پڙھڻ عبادت آھي، پر جيڪڏھن ڪو شخص نماز تہ پڙھي رھيو آھي پر الله پاڪ جي رضا جي لاءِ نہ پڙھي رھيو آھي، ماڻھن کي ڏيکارڻ جي لاءِ پڙھي رھيو آھي تہ، اھڙو شخص رياڪار چورائيندو.

الله پاڪ اسان کي رياڪاريءَ جي آفت کان بچڻ نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيِّيْن صَلَّی اللہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم.

## (2): شراب جي عادت

ٻيو عمل جيڪو شبِ براءَت بخشش کان محرومي جو سبب آھي، اُھو آھي: شراب پيئڻ جي عادت. اھو بہ ڪبيره گناھ، حرام ۽ جھنّم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آھي.

حضرت سيِّدُنا عبدالله بن عَمَرو بن عاص رَضِیَ اللہُ عَنۡهُمَا فرمائن ٿا تہ مون الله پاڪ جي پياري حبيب صَلَّی اللہُ عَلَيْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم کان شراب جي متعلق پڇيو تہ پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: **اِھو سڀ کان وڏو گناھ ۽ سڀني برائين جي پاڙ آھي**، شراب پيئڻ وارو نماز ڇڏي ڏيندو آھي ۽ (ڪڏھن ڪڏھن) پنھنجي ماءُ، ماسِي ۽ ڦُڦِي سان بہ بدڪاري جو مُرتڪب ٿي ويندو آھي.[2]

پيارا اسلامي ڀائرو! شراب کي **اُمُ الخبائِث** يعني **برائين جي ماءُ** چيو ويو آھي، افسوس! ھيءَ برائي بہ معاشري ۾ عام ٿي رھي آھي، ڪو فنڪشن ھجي، پارٽيون ھجن، عيد تھوار ھجي يا دوستن جي بيٺڪ ئي ڇو نہ ھجي ھاڻي تہ اھڙين محفلن ۾ شراب ۽ ٻيون نشي آور شيون فيشن بڻجنديون پيون وڃن.

---

1... رياڪاري، صفحہ:7۔

2... مجمع الزوائد، کتاب الاشربۃ، باب ما جاء فی الخمر...الخ، جلد:5، صفحہ:73، حدیث:8174۔

اَلحَمْدُلله! عام طور تي اسان جي معاشري ۾ اڃان تائين شراب کي بُرو ئي سمجهيو ويندو آهي، پر! چورِي ڇُپي يا سَرِ عام ان جو وڌندڙ رواج نهايت ئي خطرناڪ ڳالهه آهي. شراب طبي لحاظ کان به تمام گهڻو نقصانڪار آهي، روحاني طور تي به ۽ معاشري ۾ به تمام گهڻيون برايون ڦهلائڻ جو سبب بڻجندو آهي. تنهنڪري ش راب ۽ ان جهڙين ٻين نشي آور شين کان هميشه پري رهڻ گهرجي.

## (3): ماءُ پيءُ جي نافرماني

شبِ براءَت جيڪا مغفرت جي رات آهي، ان رات ۾ جيئن شرابي جي بخشش نه ٿيندي آهي، ايئن ئي ماءُ پيءُ جي نافرماني ڪرڻ واري جي به بخشش نه ٿيندي آهي، اِهي ٻئي ڪيڏا وڏا جرم آهن، ان متعلق هڪ عبرتناڪ واقعو ٻڌو!

## منهنجي رِضا، تنهنجي ماءُ جي رِضا ۾ آهي

**روايت آهي ته:** بني اسرائيل ۾ هڪ شخص هو، جنهن کي الله پاڪ تمام سنو ۽ خوبصورت آواز عطا فرمايو هو، نعمت مٿان نعمت هيءَ ٿئي جو هُو پنهنجي پياري آواز سان توريت شريف جي تلاوت ڪندو هو. جڏهن هي شخص توريت شريف جي تلاوت ڪندو هو ته ماڻهو سندس تلاوت ٻڌڻ جي لاءِ پنهنجن گهرن کان ٻاهر نڪري ايندا هئا.

ان شخص ۾ شراب پيئڻ جو هڪ عيب هو. سندس ماءُ کيس منع ڪندي هئي ته پُٽَ! الله پاڪ توکي اهڙي عظيم نعمت سان نوازيو آهي، سنا ڪم ڪندو ڪر، شراب نه پيئندو ڪر، پر اُهو شخص پنهنجي ماءُ جي هڪ به نه ٻڌندو هو.

هڪ ڏينهن ايئن ٿيو جو اُن توريت شريف جي تلاوت شروع ڪئي، ماڻهو سندس چوڌاري جمع ٿي ويا، تمام گهڻا ماڻهو جمع ٿي ويا. هُو توريت شريف جي تلاوت ڪندو رهيو. جڏهن ان اجتماع کان فارغ ٿيو ته گهر آيو ۽ شراب پيئڻ لڳو، سندس ماءُ هن پيري به کيس منع ڪيو ۽ چيائين: پُٽَ! اُٿي وضو ڪر...!! جيئن ته هُو نشي ۾ هو، تنهنڪري ڪاوڙ ۾ اچي مَعَاذَالله! ماءُ کي

چماٽ وَھائي ڪڍيائين. ماڻس ويچاري پري وڃي ڪِري، ان جي اک نڪري پئي ۽ ڏند بہ ڀڄي پيو.

سندس ماءُ تڪليف وچان دانھن ڪندي چيو: اللّٰہ توکان راضي نہ ٿئي. ھاڻي ھن کي پنھنجي غلطيءَ جو احساس ٿيو، تنھنڪري ھُو جبلن جي طرف نڪري ويو، 40 سالن تائين مجاھدات ڪندو رھيو، خوب عبادتون ڪيائين، ٻُڪُون ڪاٽيائين، ايتري تائين جو سندس ھڏا ٻاھر نڪري آيا. 40 سال عبادت ڪرڻ کان پوءِ ھڪ ڏينھن آسمان ڏانھن نظر ڪري عرض ڪيائين: اي مالڪِ ڪريم! ڇا منھنجو گناھ معاف ٿي ويو آھي؟، ڇا تون مون کان راضي ٿي ويو آھين؟ جيڪڏھن ٿي ويو آھي تہ مون کي ان جي خبر عطا فرماءِ. غيب مان آواز آيو: رِضَايْ مِنْ رِضَاءِ اُمِّكَ يعني منھنجي رضا اُنھيءَ ۾ آھي تہ تون پنھنجي ماءُ کي راضي ڪر.

ھاڻي ھي سمجھي ويو تہ مان چاھي ھزارين سال بہ عبادت ڪريان، جيڪڏھن ماءُ راضي نہ ٿي تہ اللّٰہ پاڪ بہ راضي نہ ٿيندو، تنھنڪري گھر واپس آيو، پري کان ئي پنھنجي ماءُ کي پڪاريائين: يَا مِفْتَاحَ الْجَنَّةِ اي منھنجي جنت جي چابي (منھنجي ماءُ)...!! ماءُ پڇيو: ھي ڪير آھي؟ چيو ويو: تنھنجو پُٽُ آھي. سندس ماءُ اڃان بہ تڪليف ۾ ھئي، چيائين: مان توکان راضي نہ ٿيندِيَس، اِھو ٻڌي اُن کي تمام گھڻو ڏک ٿيو، غم جي شدت سبب جنھن ھٿ سان ھُن پنھنجي ماءُ کي چماٽ ھنئي ھئي، ھِن پنھنجو اُھو ھٿ ئي ڪَٽي ڇڏيو، پوءِ ڪانيون گڏ ڪري، باھ ٻاريائين ۽ باھ جي ويجھو اچي، پنھنجو پاڻ کي مخاطب ٿيندي چيائين: اي نافرمان! آخرت جي باھ کان پھريان دنيا جي باھ جو مزو چَکي وٺ، اِھو چئي ھُو باھ جي طرف وڌڻ لڳو، جڏھن باھ جي ويجھو پھتو ۽ بس ان ۾ اندر وڃڻ ئي وارو ھو تہ سندس ماءُ جي دل پرجي آئي، ھن جي ممتا بيچين ٿي پڪاريو: اي منھنجي اکين جا ٺارَ...!! اللّٰہ پاڪ توکان راضي ٿئي ...!! رڪجي وڃ!

اَللّٰہُ اَکۡبَر! ماءُ جي ايترو چوڻ جي دير ھئي، اھو ڪم جيڪو 40 سالن جي عبادت سان نہ ٿي سگھيو ھو، ماءُ جي ھڪ جملي سان ٿي ويو، اللّٰہ پاڪ ھڪ

فرشتو موڪليو، جنهن اَن شخص جو هٿ جوڙي ڇڏيو ۽ سندس ماءُ جي اک
ٻيهر موٽائي ڇڏي. [1]

الله! الله...!! پيارا اسلامي ڀائرو! هن واقعي جي روشني ۾ ٻن ڳالهين تي
ڌيان ڏيو! **(1):** پهرين اِهو ڏسو ته شراب ڪيڏي نه منحوس شيءِ آهي، اهو
شخص نيڪ هو، توريت شريف جي تلاوت ڪندو هو پر ان ۾ هڪ عيب هو
جو هُو شراب پيئندو هو، ان هڪ عيب کيس رسوا ڪري ڇڏيو **(2):** ٻي ڳالهه
هن واقعي مان ماءُ پيءُ جي اهميت پڻ معلوم ٿي رهي آهي ته جيسيتائين ماءُ
پيءُ راضي نه هوندا، الله پاڪ به راضي نه ٿيندو. تنهنڪري اسان کي گهرجي
ته پنهنجي والدين جي خوب خدمت ڪريون، ماءُ پيءُ پڪارين ته فوراً حاضر
ٿي وڃون، ڊوڙي ڊوڙي، ذوق ۽ شوق سان، سندن محبت ۾ گُم ٿي هنن جا
ڪم ڪندا رهون ۽ خدمت بجا آڻيون.

## خدا کي راضي ڪرڻ جو سڀ کان ويجهو ذريعو

پيارا اسلامي ڀائرو! والدين سان نيڪي ۽ ڀلائي ڪرڻ تمام گهڻو پسنديده
عمل آهي. جن جا والدين جيئرا آهن، يقين ڪيو! انهن جا ڀاڳ ڀلا آهن. هڪ
شخص هو، جنهن کان ڪنهن جو قتل ٿي ويو. قتل ڪرڻ تمام وڏو گناهه
آهي، قرآن ڪريم ۾ فرمايو ويو آهي: جنهن هڪ جان کي قتل ڪيو، ان ڄڻ
سڄي انسانيت کي قتل ڪيو، ايڏو وڏو گناهه آهي. ان شخص کان جڏهن هي
گناهه ٿي ويو ته کيس شرمندگي ٿي، هاڻي هي سوچڻ لڳو ته توبهه جو رستو
ڪهڙو آهي؟ تنهنڪري مسئلو پڇڻ جي لاءِ صحابيءِ رسول حضرت عبدالله
بن عباس رَضِیَ اللہُ عنہما جي خدمت ۾ حاضر ٿيو، سڄو واقعو عرض ڪيائين ۽
پڇيائين: عالي جاهه! ڇا منهنجي لاءِ توبهه آهي؟ حضرت عبدالله بن عباس
رَضِیَ اللہُ عنہما کيس فرمايو: ڇا تنهنجي ماءُ زنده آهي؟ ان شخص وراڻيو: نه، هوءَ
ته وفات ڪري وئي آهي. فرمايائون: چڱو وڃ! وڃي توبهه ڪر، جيترو ٿي
سگهي الله پاڪ کي راضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪر!

---

1... عجائب بنی اسرائیل، صفحہ:66۔

اِهو ٻڌي اُهو شخص هليو ويو، ماڻهن پڇيو: عالي جاهہ! هِن جي سوال جو جواب تہ اِهو ئي هو تہ هُو توبهہ ڪري، پوءِ توهان ماءُ بابت ڇو پڇيو؟ فرمايائون: ان ڪري تہ منهنجي ڄاڻ مطابق اللّٰه پاڪ کي راضي ڪرڻ جو سڀ کان ويجهو ذريعو ماءُ سان ڀلائي ڪرڻ آهي (تنهنڪري جيڪڏهن سندس ماءُ زندهہ هجي ها تہ مان ڪيس چوان ها: ماءُ جي خدمت ڪر! اللّٰه پاڪ تنهنجا سمورا گناهہ بخشي ڇڏيندو).(1)

## والدين جا حقَ ڪيترا آهن؟

پيارا اسلامي ڀائرو! شبِ براءَت اچڻ واري آهي، جيڪڏهن خدانخواستہ والدين جي نافرماني ٿي وئي آهي، ڪين ناراض ڪري وينا آهيو، يا نافرماني ظاهري طور نہ بہ ٿي هجي تڏهن بہ احتياطاً والدين کان معافي ضرور وٺو! انهن کي راضي ڪري وٺو! جيڪڏهن والدين دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويا هجن تہ انهن جي لاءِ نفل پڙهو! صدقا ۽ خيراتون ڪريو! سندن قبر تي حاضريءَ جي عادت بڻايو! انهن جي لاءِ سورت يٰس شريف پڙهو! بس ڪنهن نہ ڪنهن طرح سندن دل خوش ڪري ڇڏيو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيم! شب براءَت ۾ بخشش جو پروانو ملڻ جا حقدار بڻجي ويندؤ.

اللّٰه پاڪ اسان کي عمل جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

## بخشش کان محرومي جا وڏيڪ سبب

پيارا اسلامي ڀائرو! شب براءَت ۾ بخشش کان محروميءَ جا ٻيا بہ ڪيترائي سبب آهن، مثال طور ۞ ان رات بدڪار جي بہ بخشش نہ ٿيندي آهي، خدا نہ ڪري جيڪڏهن ڪو ان گناهہ ۾ مبتلا آهي تہ ڪيس توبهہ ڪرڻ گهرجي ۞ اهڙي طرح ڪاهن (يعني نجومي) جي بہ بخشش نہ ٿيندي آهي، ان گناهہ کان بہ توبهہ ڪرڻ گهرجي ۞. جادوگر جي بہ ان رات بخشش نہ ٿيندي آهي ۞. رشتا ٽوڙڻ وارن، عزيزن ۽ رشتيدارن سان لڙائي ۽ جهيڙا

1... الادب المفرد ،باب بر الام،صفحہ:14،حديث:4۔

ڪرڻ وارن جي به بخشش نه ٿيندي آهي، تنهنڪري جن جا چاچا، ماما، ماسيون، پُڦِيُوُن ناراض آهن، توڙي انهن جو ئي قصور ڇو نه هجي، تڏهن به انهن کان معافي وغيره وٺي صلح ڪري ڇڏيو! ڇوته حديث پاڪ ۾ آهي ته صُلح ۾ اڳرائي ڪرڻ وارو پهريان جنت ۾ داخل ٿيندو. تنهنڪري پاڻ اڳتي وڌي صلح ڪري وٺو! ۞ اهڙي طرح ڪنهن به مسلمان ڀاءُ سان بغض رکڻ، دل ۾ دشمني لڪائي رکڻ به بخشش کان محروميءَ جو سبب آهي. ان گناهه کان به فوراً توبهه ڪرڻ گهرجي.

## ماڻهن ۾ افضل ڪير...؟

حضرت عبدالله بن عمر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ فرمائن ٿا: پياري آقا، نور واري مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي پاڪ بارگاهه ۾ عرض ڪيو ويو: أَيُّ النَّاسِ أَفْضَلُ؟ يا رسول الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! ماڻهن ۾ افضل ڪير آهي؟ فرمايائون: كُلُّ مَخْمُوْمِ الْقَلْبِ، صَدُوقُ اللِّسَانِ هر اهو شخص جيڪو مَخْمُوْمُ الْقَلْب آهي ۽ سچي زبان وارو آهي. صحابه ڪرام عليهمُ الرِّضْوَان عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! صُدُوْقُ اللِّسَان(يعني سچي زبان وارو) ڪنهن کي چئبو آهي ان جي ته اسان کي خبر آهي، پر مَخْمُوْمُ الْقَلْب ڪير آهي؟ فرمايائون: اهڙو متقي شخص آهي جنهن تي ڪو گناهه نه هجي، جنهن جي دل ۾ نه سرڪشي هجي، نه ڪينو هجي ۽ نه ئي حسد هجي.[(1)]

معلوم ٿيو ته جنهن جي زبان سچي هجي، ڪوڙ نه ڳالهائيندو هجي ۽ جنهن جي دل ۾ نه سرڪشي هجي، نه ڪينو هجي، نه بُغض هجي، نه حسد يا ساڙ هجي، اُهو شخص وڏي فضيلت وارو آهي. شيخِ طريقت، امير اهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه بارگاهِ رسالت ۾ استغاثه پيش ڪري رهيا آهن:

جھوٹ سے بغض و حسد سے ہم بچیں | کیجئے رحمت اے نانائے حُسین

---

1… ابنِ ماجه، كتابُ الزُّہد، جلد:4، صفحه:475، حديث:4216۔

# شبِ براءَت جا ڪجهه نفلَ

پيارا اسلامي ڀائرو! اچو تہ آخر ۾ شبِ براءَت ۾ پڙهيا ويندڙ ڪجهه نفلن بابت ٻڌون ٿا:

## مغرب کان بعد 6 نفلَ

اولياءِ ڪِرام رَحمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡھِم جي معمولات مان آهي تہ مغرب جي فرض ۽ سنت وغيره کان پوءِ 6 رڪعتون نفل ٻہ ٻہ رڪعتون ڪري پڙهيا وڃن ۞ پهرين 2 رڪعتن کان اڳ هيءَ نيت ڪريو تہ: **يا الله پاڪ! هنن 2 رڪعتن جي برڪت سان مون کي خير ۽ عافيت واري ڊگهي عمر عطا فرماءِ** ۞ وچين 2 رڪعتن کان اڳ هيءَ نيت ڪريو تہ: **يا الله پاڪ! هنن 2 رڪعتن جي برڪت سان بلائن ۽ مصيبتن کان منهنجي حفاظت فرماءِ** ۞ آخري 2 رڪعتن ۾ هيءَ نيت ڪريو تہ: **يا الله پاڪ! هنن 2 رڪعتن جي برڪت سان مون کي پاڻ کان سواءِ ٻئي ڪنهن جو محتاج نہ ڪر.**

هنن 6 رڪعتن ۾ سورة فاتحہ کان پوءِ جيڪي چاهيو سورتون پڙهي سگهو ٿا، چاهيو تہ هر رڪعت ۾ سورة فاتحہ کان پوءِ 3 ڀيرا سورة اخلاص پڙهي وٺو. هر 2 رڪعتن کان پوءِ 21 ڀيرا قُلۡ ھُوَاللّٰہُ اَحَدٌ (پوري سورت) يا هڪ ڀيرو سورت يٰس شريف پڙهو، ٿي سگهي تہ ٻئي پڙهي وٺو. هي بہ ممڪن آهي تہ ڪو هڪ اسلامي ڀاءُ بلند آواز سان يٰس شريف پڙهي ۽ ٻيا خاموشيءَ سان ڌيان سان ٻڌن. ان ۾ هن ڳالهہ جو خيال رکو تہ ٻڌڻ وارا ان دوران زبان سان يٰس شريف يا ٻيو ڪجهہ بہ نہ پڙهن. هي مسئلو چڱي طرح ياد رکو تہ قرآن ڪريم جڏهن بلند آواز سان پڙهيو وڃي تہ جيڪي ٻڌڻ لاءِ موجود آهن انهن تي فرض عين آهي تہ خاموشيءَ سان چڱي طرح ڪن لڳائي ٻڌن، اِنۡ شَآءَ اللّٰہُ الۡکَرِیۡم! رات شروع ٿيڻ سان ئي ثوابن جو ڍير لڳي ويندو. هر ڀيري

يٰس شريف کان پوءِ **دعاءِ نصف شعبان** بہ پڙھو.

شيخ طريقت، امير اهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو شعبان شريف جي فضيلتن تي مشتمل رسالو آهي: **آقا** (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) **جو مهينو**. هِن رسالي ۾ **دعاءِ نصف شعبان** لکيل آهي، اتان ڏسي پڙهي سگهو ٿا.

علامہ ضياءُ الدين ڊِيرِيني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: الله پاڪ جا نيڪ ٻانها شب براءَت ۾ **100** رڪعتون نماز اهڙي طرح ادا ڪندا هئا جو هر رڪعت ۾ سورت فاتحہ کان پوءِ **10** ڀيرا سورت اخلاص (قُلْ هُوَ اللهُ اَحَد) پڙهندا هئا. امام حسن بصري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مون کي **30** صحابہ ڪرام رِضْوَانُ اللهِ عليهم حديث بيان فرمائي تہ جيڪو هيءَ نماز پڙهندو آهي، الله پاڪ ان ڏانهن **70** ڀيرا نگاهِ ڪرم فرمائيندو آهي ۽ هر نگاهِ ڪرم جي بدلي ان جون **70** حاجتون پوريون فرمائيندو آهي، انهن مان هڪ حاجت اِها آهي تہ ان ٻانهي جي مغفرت ڪئي ويندي آهي.[(1)]

| | |
|---|---|
| یاخُدا! میری مغفرت فرما | باغِ فِردوس مرحمت فرما |
| تُو گُناہوں کو کر معاف اللہ! | میری مقبول معذرت فرما |

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## 14 ۽ 15 شعبان المعظم جي روزي جي ترغيب

پيارا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن ٿي سگهي تہ شعبان المعظم جي چوڏهين تاريخ تي روزي جو اهتمام ڪريو، ڇو تہ هي ڏينهن اعمال نامي جي تبديليءَ جو مبارڪ ڏينهن آهي. تنهنڪري، جڏهن اعمالنامو الله پاڪ جي بارگاهہ اقدس ۾ پيش ڪيو وڃي، تڏهن ٻانهي جي لاءِ هيءَ ڪيڏي نہ سعادت آهي تہ هو روزيدار هجي. اسان جا پيارا سردار آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

1... طهارة القلوب، صفحہ:136.

ٻہ انھيءَ عمل کي بيحد پسند فرمائيندا ھئا. روايت ۾ آھي تہ اللہ پاڪ جي آخري نبي، مکي مدني صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو تہ: (ان ڏينھن جڏھن اعمال اللہ پاڪ جي حضور ۾ پيش ٿيڻا آھن تہ) مون کي اھو محبوب آھي تہ منھنجو عمل ان حال ۾ کنيو وڃي جو مان روزي جي حالت ۾ ھجان[1].

ڪوشش فرمايو تہ شبِ براءت جون مقدس گھڙيون ربِ پاڪ جي عبادت ۾ گُذرن ۽ پندرھين شعبان جو روزو رکڻ جي بہ سعادت حاصل ڪيو. اسان جي پياري آقا حضرت محمد مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آھي: جڏھن شعبان جي وچ واري (يعني پندرھين) رات اچي تہ ان رات قيام (يعني عبادت) ڪيو ۽ ڏينھن جو روزو رکو.[2]

اللہ پاڪ اسان کي عمل جي توفيق نصيب فرمائي، ڪاش! شبِ براءَت ۾ براءَت (يعني نجات جو پروانو) حاصل ڪرڻ وارن ۾ اسان گنھگارن جو بہ شمار ٿي وڃي. آمِيْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## دعوتِ اسلامي جي ھڪ شعبي جو تعارف: مدرسة المدينہ بالغان

پيارا اسلامي ڀائرو! عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي علمِ دين جو نور ڦھلائڻ ۽ مختلف ذريعن سان علمِ دين جو فيض عام ڪرڻ ۾ مصروف آھي. انھن ذريعن مان ھڪ ذريعو **مدرسة المدينہ بالغان** بہ آھي.

الحمدللہ! عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي، مدرسة المدينہ بالغان جي ذريعي قرآن ڪريم سکڻ جو بھترين موقعو فراھم ڪري رھي آھي. ھي شعبو روزاني جي بنياد تي ۞ مسجدن ۞ مارڪيٽن ۞ اسڪولن ۞ ڪاليجن ۽ ٻين ھزارين جاين تي وڏي عمر جي لکين اسلامي ڀائرن ۽ اسلامي ڀينرن کي قرآن ڪريم جي تعليم ڏئي رھيو آھي. ھن شعبي جي

---

[1]… نسائی، کتاب الصیام، باب صوم النبی صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَ سَلَّم...الخ، صفحہ:387، حدیث:2354 ـ

[2]… ابن ماجہ، کتاب اقامۃ الصلاۃ و السنۃ فیہا، باب ماجاء فی لیلۃ ...الخ، صفحہ:225، حدیث:1388ـ

ذريعي ۞ درست تجويد ۽ قراءت سان قرآن ڪريم پڙهڻ سيکاريو ويندو آهي ۞ فرض علوم جي باري ۾ به ٻڌايو ويندو آهي ۞ سنتون ۽ آداب به سيکاريا ويندا آهن ۞ ترجمو ۽ تفسير ٻڌڻ جو به موقعو ملندو آهي ۞ مختلف دعائون سيکاريون ويندين آهن ۞ درس ڏيڻ ۽ بيان ڪرڻ جو طريقو ۞ ۽ مسئلا سيکارڻ سان گڏوگڏ خوفِ خدا ۽ عشقِ رسول جو پيڪر بڻائڻ جي ڪوشش به ڪئي ويندي آهي.

توهان به مدرسة المدينہ بالغان ۾ داخلا وٺي ڇڏيو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! دين ۽ دنيا جون بيشمار ڀلايون نصيب ٿينديون، اچو ته! ترغيب جي لاءِ اوهان کي هڪ مدني بهار ٻڌايان ٿو:

## نمازن جو پابند بڻجي ويو

هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي ته ديني ماحول سان وابسته ٿيڻ کان پهريان آواره دوستن سان گهمڻ ۽ فضول ڪم ڪرڻ منهنجو معمول هو. هڪ ڏينهن هڪ اسلامي ڀاءُ سان منهنجي ملاقات ٿي. سلام و مُصَافحہ دعا کان پوءِ گفتگو جي دوران ئي هن مون کي مدرسة المدينہ (بالغان) ۾ شرڪت جي دعوت ڏني ۽ ان جا فائدا به ٻڌايا، مون حامي ڀري ورتي ۽ مدرسة المدينہ بالغان ۾ شرڪت ڪرڻ لڳس. الحمدلله! ان جي برڪت سان ديني ماحول سان وابسته ٿي نمازن جو پابند بڻجي ويس، پر اجان تائين پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پياري پيار سنت عمامو شريف سجائڻ جو ذهن نه بڻيو هو. آخرڪار هڪ اسلامي ڀاءُ جي سمجهائڻ تي عمامو شريف به سجائي ورتو، عمامو شريف سجائڻ تي سڄي گهر مان ڪو به منهنجي حوصلا افزائي ڪرڻ وارو نه هو. هڪ رات خواب ۾ اڇا ڪپڙا پهريل عمامي واري بزرگ جي زيارت نصيب ٿي، مون کي خبر نه هئي ته اُهي ڪير آهن، خواب ۾ ئي ڪنهن ٻڌايو ته هي امير اهل سنت مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه آهن، انهن پنهنجي مبارڪ هٿن سان منهنجي مٿي تي عمامو شريف سجايو، الحمدلله! ان کان پوءِ منهنجي دل ۾ پير و مرشد جي محبت اجان وڌيڪ وڌي وئي. ديني ماحول جي برڪت

سان الحمدﷲ! دعوت اسلامي جي ديني ڪمن جي ذريعي دينِ اسلام جي خدمت ۾ مصروف آهيان.

يہاں سنّتيں سيکھنے کو مليں گی | دِلائے گا خوفِ خدا دينی ماحول
تُو آ بے نَمازی، ہے ديتا نمازی | خدا کے کرم سے بنا دينی ماحول

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## نيڪ اعمال (*Naik Amal*) موبائل ايپلي ڪيشن

پيارا اسلامي ڀائرو! نيڪ بڻجڻ ۽ نيڪ عملن ۾ واڌاري جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي *I.T* آئي ٽي ڊپارٽمينٽ هڪ موبائل ايپلي ڪيشن جاري ڪئي آهي، جنهن جو نالو آهي: **نيڪ اعمال** (*Naik Amal*). هيءَ ايپلي ڪيشن پنهنجي موبائل ۾ انسٽال ڪري ڇڏيو، هن ايپلي ڪيشن ۾: اسلامي ڀائرن، اسلامي ڀينرن ۽ طلباء لاءِ الڳ الڳ رسالا موجود آهن ۞ ان ڪي **6** مختلف زبانن ۞ انگريزي ۞ اردو ۞ هندي ۞ بنگلا ۞ گجراتي ۽ ۞ سنڌي ۾ استعمال ڪري سگهجي ٿو ۞ ان ۾ مختلف نيڪ عملن تي ٻڌل سوال ڏنا ويا آهن ۞ هر سوال جي هيٺان **30** خانا آهن، روزانو پنهنجي مرضيءَ جو ڪو بہ وقت مقرر ڪري پنهنجن عملن جو جائزو وٺو، ان جي مطابق زندگي گذاريو، اِنْ شَآءَ اللهُ الْکَرِيْم! ان جي برڪت سان گناهن کان بچڻ ۽ نيڪيون ڪرڻ جو ذهن بڻجندو، دل جي پاڪيزگي ملندي ۽ ڪردار اجرو اجرو، صاف سٿرو ۽ خوبصورت ٿي ويندو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## عطيات جي ترغيب

پيارا اسلامي ڀائرو! توهان جي پنهنجي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي، هن

وقت **80** ڪان وڌيڪ شعبن ۾ دين جي خدمت ڪرڻ ۾ مصروف آهي. الحمدلله!

❀ڪنز المدارس بورڊ (*Kanz-ul-madaris Board*)جي نالي سان دعوت اسلامي جو پنهنجو تعليمي بورڊ آهي ❀ هزارين جامعات ۽ مدارس المدينہ (بوائز ۽ گرلز) قائم آهن، جن ۾ حفظ ۽ ناظره، عالم ڪورس (درس نظامي)، مختلف تخصصات (*Specialization*)، فرض علوم ڪورسز ڪرايا ويندا آهن ❀ جامعات ۽ مدارس المدينہ (بوائز ۽ گرلز) ۾ طلباء جو تعداد لکن ۾ آهي ❀ وڏي عمر جي اسلامي ڀائرن ۽ اسلامي ڀينرن کي قرآن ڪريم جي تعليم ڏيڻ جي لاءِ هزارين مدارس المدينہ بالغان ۽ بالغات قائم ڪيا ويا آهن جن ۾ پڙهڻ وارن جو تعداد بہ لکن ۾ آهي ❀ فيضان آن لائن اڪيڊمي (*Faizan Online Academy*)جي ذريعي ديني تعليم ڏني پئي وڃي ❀ ديني ۽ شرعي رهنمائي جي لاءِ **دارالافتاء اهلِ سنت** قائم ڪيا ويا آهن ❀ **المدينة العلمية** (اسلامڪ ريسرچ سينٽر) جي ذريعي ديني لٽريچر (*literature*) تي تحقيقي ڪم ڪيو پيو وڃي ❀ ديني لٽريچر جي اشاعت لاءِ اشاعتي ادارو **مكتبة المدينہ** قائم ڪيو ويو آهي ❀ سڄي دنيا ۾ ديني ڪمن جي ڌوم مچائڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جو پورو تنظيمي سيٽ اپ موجود آهي، ذيلي حلقي کان وٺي مرڪزي مجلس شوريٰ تائين پورو هڪ نظام قائم آهي، شهر شهر ۽ ڳوٺ ڳوٺ ۾ ذميدار موجود آهن ❀ عاشقانِ رسول جي تربيت ڪري انهن کي ديني ڪم ڪرڻ جي لاءِ ملڪ جي مختلف علائقن ۽ ٻاهرين ملڪن ڏانهن موڪليو ويندو آهي، انهن کي باقاعدي پگهارون ڏنيون وينديون آهن ۽ اهي فارغ البال (يعني ڪمائڻ کان بي پرواهہ) ٿي دين جي خدمت ڪندا آهن ❀ ميڊيا جي مختلف پليٽ فارمن تي بہ دين جي خدمت جو سلسلو جاري آهي ۞ پرنٽ ميڊيا ۾ (ڪيترين ئي ڪتابن ۽ رسالن سان گڏوگڏ ماهوار فيضان مدينہ جي اشاعت جو سلسلو بہ جاري آهي جيڪو هن وقت دنيا جي **7** وڏين زبانن ۾ شايع ٿيڻ وارو ڪثير الاشاعت ماهوار رسالو آهي)

۞ سوشل ميڊيا (مثال طور يوٽيوب (*Youtube*)، فيسبڪ (*Facebook*)، انسٽاگرام (*Instagram*) وغيره) تي مجموعي طور لڪين فالورز (*Millions Followers*) آھن جڏھن تہ مجموعي طور ويوز جي تعداد اربن (*Billions*) ۾ آھي ۞ ان کان علاوه مدني چينل اردو، انگلش، بنگلا، ڪڊز مدني چينل، بزرگن جو مدني چينل ۽ عربي ويب چينل جي ذريعي دين اسلام جي خدمت ڪئي پئي وڃي.

توھان بہ خدمتِ دين جي ھن ڪم ۾ پنھنجو حصو شامل ڪريو! پنھنجا عطيات دعوت اسلامي کي ڏيو، توھان جي چندي يعني ڊونيشن کي ڪنھن بہ جائز، ديني، اصلاحي، فلاحي، روحاني، خيرخواھي، ڀلائي ۽ آمدني وڌائڻ جي جائز ۽ محفوظ ڪمن ۾ لڳائي سگھجي ٿو تہ جيئن وڌندڙ خرچن جو پورائو ڪري سگھجي.

دعوتِ اسلامی کی قَیُّوم، سارے جہاں میں مچ جائے دُھوم

اس پہ فِدا ہو بچہ بچہ یااللہ! مری جھولی بھر دے

# ڪجھ ضروري اعلانات

پيارا اسلامي ڀائرو! ڪجھ ضروري اعلانات ٻڌي وٺو. ۞ ھر ڇنڇر تي اميرِ اھلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه مدني چينل تي لائيو ھفتيوار مدني مذاڪرو فرمائيندا آھن، ايندڙ ڇنڇر تي بہ مدني چينل تي عشاء جي نماز کان پوءِ (تقريباً 8:30 منٽن تي) اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ھفتيوار مدني مذاڪرو ٿيندو. جنھن ۾ شيخِ طريقت اميرِ اھلسنت مولانا الياس عطار قادری دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه سوالن جا جواب بہ عنايت فرمائيندا- سڀئي ذميدار ۽ عاشقانِ رسول ھن مدني مذاڪري ۾ پاڻ بہ شرڪت فرمائن ۽ ٻين کي بہ ان جي دعوت ڏين. ۞ شيخ طريقت، امير اھلسنت ھر ھفتي ھڪ **دِيني رسالو** پڙھڻ جي ترغيب بہ ارشاد فرمائيندا آھن، ايندڙ ھفتي جي مدني مذاڪري ۾ رسالي "**رشتيداري ٽوڙڻ**

**حرام آهي**" جو اعلان ڪيو ويندو- هي رسالو پاڻ بہ پڙهو! ٻين ڪي بہ ان جي ترغيب ڏياريو ۽ جيڪي سوشل ميڊيا مثلاً واٽس ايپ وغيره استعمال ڪندا آهن، رضاءِ الٰهي ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي نيت سان هي رسالو ٻين سان بہ شيئر (Share) ڪريو! ۞ امام اعظم ابو حنيفہ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ عظيم الشان عالم، فقيهہ ۽ مفتيءِ اسلام هئا. الله پاڪ کين تمام گهڻيون خوبيون عطا فرمايون هيون. مڪتبة المدينہ سندن سيرت تي مشتمل **2** رسالا شايع ڪيا آهن: **(1)**: اشکوں کی برسات **(2)**: امام ابو حنیفہ کا حسن سلوک

انهن رسالن ۾ پاڻ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جي ۞ علمي ۞ فقهي ۞ روحاني خدمتن ۞ ۽ حسن اخلاق کي پيش ڪيو ويو آهي. رسالو (اشکوں کی برسات) **17** روپين ۽ رسالو امام ابو حنیفہ کا حسن سلوک **20** روپين ۾ مڪتبة المدينہ جي ڪنهن بہ شاخ تان خريد فرمايو.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡبِ! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي سنت جي فضيلت ۽ زندگي گذارڻ جا ڪجهہ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيو آهيان. تاجدارِ رسالت. شهنشاهِ نبوت صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنۡ اَحَبَّ سُنَّتِی فَقَدۡ اَحَبَّنِی وَمَنۡ اَحَبَّنِی کَانَ مَعِیَ فِی الۡجَنَّةِ يعني جنهن منهنجي سنت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## اهلِ خانہ (گهروارن) تي خرچ ڪرڻ سنتِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم آهي

**2** فرامينِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **(1)**: قيامت جي ڏينهن ميزانِ عمل

1...مشکوٰۃ،کتابُ:الْاِیمان،بابُ:الْاِعْتِصَام، جلد:1، صفحہ:55، حدیث:175۔

تي سڀ کان پهريان پاڻهي جو پنهنجي گهروارن تي خرچ ڪيل مال رکيو ويندو. [1] **(2):** جيڪو ثواب جي نيت سان پنهنجي گهروارن تي خرچ ڪندو آهي تہ اهو ان جي لاءِ صدقو آهي. [2]

اي عاشقانِ رسول! گهروارن تي خرچ ڪرڻ سنتِ مصطفيٰ آهي ۞ پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي گهروارن تي خرچ فرمائيندا هئا ۞ حديث پاڪ جي مطابق هجرت کان پوءِ هڪ وقت اهڙو بہ آيو جو رسولِ اڪرم، نور مجسم صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي گهر وارن جي لاءِ پوري سال جو اناج جمع فرمائي ڇڏيندا هئا. [3]

هن حديث پاڪ جي حوالي مشهور مفسر قرآن مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جيڪا شرح بيان ڪئي آهي، ان جو خلاصو آهي تہ هِي يعني سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو سڄي سال جي لاءِ اناج گڏ ڪرڻ، بنو نضير جو قلعو فتح ٿيڻ کان پوءِ جي ڳالهہ آهي. هيءَ ڳالهہ بہ ذهن نشين رهي تہ حضور جانِ ڪائنات صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جيتوڻيڪ سموري سال جو اناج گڏ ڪري رکندا هئا پر سندن ازواج پاڪ ڪثرت سان صدقو ۽ خيرات ڪنديون هيون ۽ پوري سال جي لاءِ گڏ ڪيل اناج جلد ختم ٿي ويندو هو ۽ نوبت فاقن تائين پهچي ويندي هئي. [4]

بھوکے رہتے تھے خود اوروں کو کھلا دیتے تھے | کیسے صابِر تھے مُحَمَّد کے گھرانے والے

رسولِ اڪرم، نور مجسم صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو سڄي سال جي لاءِ اناج گڏ ڪرڻ ان لاءِ آهي تہ جيئن اهو عمل امت جي لاءِ سنت بڻجي وڃي، نہ تہ پاڻ صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا گهروارا (اهلِ خانہ) ڪمزور دل جا نہ هئا ( بلڪ اُهي تہ الله پاڪ تي ڪامل ڀروسو رکڻ وارا هئا). [5]

---

1... معجم الاوسط،جلد:4، صفحہ: 329، حديث: 6135۔
2... مسلم،کتا ب :الزکاۃ، صفحہ:502، حديث:1002۔
3... احياء العلوم، کتاب: توحيد، جلد: 4، صفحہ:343۔
4... مرآةُ المناجِيْح، جلد:5، صفحہ:949۔
5... احياء العلوم، کتاب: توحيد، جلد: 4، صفحہ:343۔

مختلف سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جو شايع ٿيل **بهارشريعت** جلد: 3 مان حصو 16 ۽ شيخ طريقت، امير اهل سنت **مولانا الياس قادري** دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو 91 صفحن تي مشتمل رسالو **550 سنتون ۽ آداب** خريد فرمايو ۽ پڙهو. سنتون سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر ڪرڻ بہ آهي.

اُلفتِ مصطفٰے اور خوفِ خدا | چاہئے گر تمہیں قافلے میں چلو
گر مدینے کا غم چاہئے چشمِ نم | لینے یہ نعمتیں قافلے میں چلو [1]

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### ﴿1﴾ جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ نِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[2]

[1] ... وسائل بخشش، صفحہ:669۔
2... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

## ﴿2﴾ سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى اٰلِهٖ وَ سَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[1]

## ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[2]

## ﴿4﴾ ڇهہ لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِىْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَيْہ ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهہ لَک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[3]

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطَفٰي صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ

1... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65
2... القول البديع، الباب الثانی، ص277
3... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[1]

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[2]

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[3]

## ﴿2﴾ جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو.[4]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

1... القول البديع، الباب الاول، ص1125
2... الترغيب والترهيب، ج 2، ص 329، حديث 31
3... مجمع الزوائد،ڪتاب الادعية،باب فی ڪيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305
4... ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455